# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1980

# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1980

# سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) آرڊيننس، 1980

# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي باب VI جي عنوان جي ترميم
Amendment of the heading of Chapter VI of West Pakistan Act XVII of 1967

3. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 39 جي ترميم
Amendment of section 39 of West Pakistan Act XVII of 1967

4. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 41 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 41 of West Pakistan Act XVII of 1967

5. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 42 جي تبديلي
Substitution of section 42 of West Pakistan Act XVII of 1967

6. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 43 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 43 of West Pakistan Act XVII of 1967

7. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 45 جي ترميم

Amendment of section 45 of West Pakistan Act XVII of 1967

8. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 52 جي تبديلي

Substitution of section 52 of West Pakistan Act XVII of 1967

9. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 53 جي ترميم

Amendment of section 53 of West Pakistan Act XVII of 1967

10. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 54 جي ترميم

Amendment of section 54 of West Pakistan Act XVII of 1967

11. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي باب XIII جي عنوان جي ترميم

Amendment of the heading of Chapter XIII of West Pakistan Act XVII of 1967

12. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 161 جي ترميم

Amendment of section 161 of West Pakistan Act XVII of 1967

13. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 163 کي ختم ڪرڻ

Omission of section 163 of West Pakistan Act XVII of 1967

14. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 164 جي ترميم

Amendment of section 164 of West Pakistan Act XVII of 1967

15. 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 167 جي ترميم

Amendment of section 167 of West Pakistan Act XVII of 1967

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1980

# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1980

# سنڌ لينڊ رونيو (ترميم) آرڊيننس، 1980

# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[28 جولاءِ 1980]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ رونيو (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي باب VI جي عنوان جي ترميم
Amendment of

2. سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي موجوده عنوان، ۽ باب VI جي ذيلي عنوان لاءِ، عنوان "رڪارڊ آف رائيٽس" کي متبادل بڻايو ويندو.

| | |
|---|---|
| the heading of Chapter VI of West Pakistan Act XVII of 1967 | |
| 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 39 جي ترميم<br>Amendment of section 39 of West Pakistan Act XVII of 1967 | 3. چاڙايل ايڪٽ جي دفعه 39 جي ذيلي دفعه (2) ۾ شق (b) کي ختم ڪيو ويندو. |
| 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 41 کي ختم ڪرڻ<br>Omission of section 41 of West Pakistan Act XVII of 1967 | 4. چاڙايل ايڪٽ ۾ دفعه 41 کي ختم ڪيو ويندو. |
| 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ | 5. چاڙايل ايڪٽ جي دفعه 42 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: |

| | |
|---|---|
| “42. (1) بورڊ آف روينيو، رڪارڊ آف رائيٽس ۾ اهڙن حقن جي ميوٽيشن جو رجسٽر بڻائڻ سان لاڳاپيل ڪم لاءِ، مختيارڪار آفيس ۾ هڪ سيل جوڙي سگهي ٿو جيڪو اهڙن عملدارن تي مشتمل هوندو، جيئن ان طرفان طئي ڪيو ويو هجي.<br>(2) رڪارڊ آف رائيٽس ۾ ميوٽيشنز جي رجسٽريشن ٽن سيٽن ۾ هوندي، سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 تحت جڙيل يونين ڪائونسل يا لاڳاپيل ڪائونسل ۾ ۽ تپيدار وٽ ان جو هڪ هڪ سيٽ هوندو.<br>(3) جتي ڪنهن ماڻهو حق حاصل ڪيو آهي يا ان جي دلچسپي آهي جيڪا آسانيءَ سان ٽي سگهي ٿي يا ٽرانسفر آف پراپرٽي ايڪٽ، 1982 جي دفعہ 100 جي مطلب موجب گروي واري رقم جيتري نہ هجي، تہ اهو ماڻهو زباني طور تي يا لکت ۾ مختيارڪار يا اهڙي ٻئي آفيسر کي چئي، جنهن کي بورڊ آف روينيو مقرر ڪري ۽ ان کي بااختيار آفيسر چيو وڃي تہ ان کان ٽن مهينن جي اندر اندر وٺي سگهي ٿو.<br>اگر اهو حق وٺندڙ شخص نابالغ آهي يا اهڙي معلومات ڏيڻ کان معذور آهي، تہ سندس سنڀاليندڙ يا ٻيو شخص جنهن کي سندس ملڪيت جي چارج هجي، اهو معلومات ڏئي سگهي ٿو:<br>بشرطيڪ تہ جيڪڏهن حق يا دلچسپي رجسٽرڊ ڪاغذن ذريعي حاصل ڪئي وئي آهي، اهو ضروري نہ هوندو تہ معلومات ڏني وڃي، ان صورت ۾ اها لاڳاپيل سب رجسٽرار جي ذميواري هوندي تہ اهو مختيارڪار يا اٿارٽي آفيسر کي ڪاغذن جي رجسٽريشن جي ٽن مهينن اندر آگاهہ | XVII جي دفعہ 42 جي تبديلي<br>Substitution of section 42 of West Pakistan Act XVII of 1967 |

ڪري.
وضاحت: اهو شخص جنهن جي حق ۾ ضبطگي ختم ڪئي ٿي وڃي، يا ليز طئي ڪئي وڃي ٿي، اهو هن ذيلي دفعہ جي مطلب موجب حق حاصل ڪندو.
(4) جتي ذيلي دفعہ (3) تحت معلومات زباني طور ڏني وئي آهي، مختيارڪار يا بااختيار بڻايل آفيسر ان کي لکت ۾ آڻيندو ۽ ان تي معلومات ڏيندڙ شخص جي صحيح يا آڱوٺي جو نشان وٺندو.
(5) مختيارڪار يا بااختيار بڻايل شخص اها تصديق ڪندو تہ ذيلي دفعہ (3) تحت حاصل ڪيل معلومات حاصل ڪئي وئي آهي ۽ اهڙي معلومات ڏيندڙ شخص کي سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندو.
(6) مختيارڪار يا بااختيار بڻايل آفيسر ذيلي دفعہ (3) تحت حاصل ڪيل معلومات سيل جي انچارج ڏانهن موڪليندو، جيڪڏهن ڪو هجي، ان صورت ۾ جڏهن مختيارڪار يا بااختيار بڻايل آفيسر پاڻ انچارج نہ آهي، ۽ انچارج اهڙي معلومات ملڻ تي يا هي ٻي صورت ۾ مطمئن آهي تہ ڪنهن حق جي حاصلات يا ڪنهن ۾ دلچسپي ظاهر ٿي آهي، اهڙي حاصلات کي ميوٽيشن جي رجسٽر ۾ داخل ڪندو.
(7) سيل جو انچارج يا مختيارڪار جتي ذيلي دفعہ (6) تحت داخلا ڪري ٿو ۽ سيل نہ هجي تہ:
(a) تعلقي آفيس جي نوٽيس بورڊ تي داخلا جي نقل لڳائيندو.
(b) داخلا جي نقل لاڳاپيل تپيدار ڏانهن تپيدار جي ديري ۾ رکڻ لاءِ اماڻيندو.
(c) اهڙن ماڻهن کي لکت ۾ آگاهہ ڪندو جيڪي موجود هوندا

يا منتقلي ۾ دلچسپي رکندا هوندا؛
(8) ذيلي دفعہ (6) تحت ڪيل داخلا سان متاثر ٿيندڙ ڪو شخص اهڙي داخلا خلاف سيل جي انچارج يا مختيارڪار سان اعتراض واري سگهي ٿو جتي سيل نہ هجي تہ ذيلي دفعہ (7) تحت نوٽيس ملڻ جي پندرنهن ڏينهن جي اندر اندر اعتراض واري سگهي ٿو.
(9) اعتراض، جيڪڏهن ڪي هجن، جيڪي ذيلي دفعہ (8) تحت مطابق هجن، اهي ڏار رجسٽر ۾ داخل ڪيا ويندا، جنهن ڪانپوءِ انهن کي تڪراري ڪيسن جو رجسٽر سڏيو ويندو.
(10) تڪراري ڪيسن جي رجسٽر ۾ داخل ڪيل اعتراض مختيارڪار يا روينيو بورڊ طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن بئي شخص پاران لاڳاپيل تپي ۾ ڪليل ڪچهري ذريعي اڪلايا ويندا ۽ اعتراضن ۾ دلچسپي رکندڙ سمورين ڌرين کي ڪچهري جي تاريخ ۽ هنڌ مقرر ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو اڳ نوٽيس اماڻيا ويندا ۽ انهن کي ڄاڻايل ڪچهري ۾ ٻڌڻ جو موزون موقعو فراهم ڪيو ويندو ۽ اعتراض اڪلائڻ سان لاڳاپيل حڪم منتقلي جي رجسٽر ۾ داخل ڪيا ويندا.
(11) منتقليءَ واري رجسٽر ۾ داخلائون ڪري مختيارڪار جي تصديق ڪرڻ ڪانپوءِ اهي اهڙي سلسلي ۾ حقن جي رڪارڊ ڏانهن منتقل ڪيون وينديون جيڪي بورڊ آف روينيو ۾ رکيون وينديون.
(12) سيل جو انچارج يا مختيارڪار جتي سيل نہ آهي، اعتراض داخل ڪرائڻ جو مدو ختم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ، جيڪڏهن ڪي بہ اعتراض داخل نٿا ڪيا وڃن، يا ذيلي دفعہ

(1) تحت حڪم ڪرڻ جي ڏهن ڏينهن اندر سندس هٿ هيٺ حقن جي رڪارڊ جي نقل ۾ ضروري درستگيون ڪندو ۽ سپروائيزنگ تپيدار کي لکت ۾ سندس ماتحت لاڳاپيل ڪائونسل ۾ حقن جي رڪارڊ جي نقلن ۾ ساڳيون درستگيون ڪرڻ جي هدايت ڪندو ۽ تپيدار هدايتون ملڻ جي پندرنهن ڏينهن اندر درستگيون ڪندو.

(13) درستگيون ذيلي رول (12) تحت تصديق ڪيون وينديون.

(i) مختيارڪار طرفان تصديق ڪئي ويندي جيڪڏهن درستگي سيل جي انچارج طرفان ڪئي وئي هجي؛

(ii) ٻين ڪيسن ۾ روينيو آفيسر طرفان ڪئي ويندي جيڪو اسسٽنٽ مختيارڪار جي عهدي کان گهٽ نہ هجي.

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 43 کي ختم ڪرڻ

Omission of section 43 of West Pakistan Act XVII of 1967

6. چاڙهايل ايڪٽ ۾ دفعہ 43 کي ختم ڪيو ويندو.

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 45 جي ترميم

7. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 45 ۾:

(i) لفظن، ڪامائن، ڏنگين، اکر ۽ انگن "يا پيرياڊيڪل رڪارڊ ۾ سواءِ دفعہ 43 جي شق (a) تحت پٽواري طرفان پيرياڊيڪل رڪارڊس ۾

ڪيل داخلائن جي ان دفعہ جي حوالي سان دلچسپي جي غير تڪراري حاصلات جي،" کي ختم ڪيو ويندو،

Amendment of section 45 of West Pakistan Act XVII of 1967

(ii) شق (b) ۾ سيمي ڪولن ۽ لفظ "؛ ۽" کي فل اسٽاپ سان تبديل ڪيو ويندو؛ ۽

(iii) شق (c) کي ختم ڪيو ويندو.

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 52 جي تبديلي

Substitution of section 52 of West Pakistan Act XVII of 1967

8. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 52 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"52. حقن جي رڪارڊ ۾ هڪ داخلا تيستائين سچي سمجهي ويندي جيستائين اها تڪراري ثابت نہ ٿئي يا قانوني طور نئين داخلا ان جي متبادل نہ بڻائي وڃي."

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 53 جي ترميم

Amendment of section 53 of West Pakistan Act XVII of 1967

9. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 53 ۾ لفظ "يا هڪ پيريا ڊيڪل رڪارڊ ۾" ختم ڪيا ويندا.

1967 جي اولهہ

10. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 54 ۾ لفظ "۽

| | |
|---|---|
| پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 54 جي ترميم<br>Amendment of section 54 of West Pakistan Act XVII of 1967 | پيريا ڊيڪل رڪارڊ" ختم ڪيا ويندا. |
| 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي باب XIII جي عنوان جي ترميم<br>Amendment of the heading of Chapter XIII of West Pakistan Act XVII of 1967 | 11. چاڙهايل ايڪٽ ۾، باب XIII هيٺيان عنوان لاءِ، عنوان "اپيل ۽ نظرثاني" ڪي متبادل بڻايو ويندو. |
| 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 161 جي ترميم<br>Amendment of section 161 of | 12. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 161 ۾:<br>(a) ذيلي دفعہ (1) ۾:<br>(i) شق (a)، (b) ۽ (c) ڪي شقن (b)، (c) ۽ (d) طور پيهر نمبر ڏنو ويندو؛<br>(ii) شق (b) ڪي ايئن نمبر ڏيڻ ڪان اڳ، هيٺين ڪي شق (a) طور شامل ڪيو ويندو: |

West Pakistan Act XVII of 1967

“(a) پهرين گريڊ جي اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڏانهن جڏهن ٻئي گريڊ جي اسسٽنٽ ڪليڪٽر طرفان حڪم ڪيو ويو آهي؛ ۽

(iii) شق (b) ۾ ايئن نمبر ڏيڻ ڪانپوءِ ڪاما ۽ لفظن “، ڪنهن به گريڊ جو” لاءِ لفظن “پهرين گريڊ جو” کي متبادل بڻايو ويندو؛

(b) ذيلي دفعه (1) هيٺان وضاحت کي ختم ڪيو ويندو؛ ۽

(c) ذيلي دفعه (2) ڪانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

“(3) بورڊ آف روينيو ڪانسواءِ ڪنهن به ٻئي روينيو آفيسر کي ڪو ڪيس ڪنهن هيٺين اختياري کي رمانڊ لاءِ ڏيڻ جو اختيار نه هوندو.”.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 163 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 163 of West Pakistan Act XVII of 1967

13. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعه 163 کي ختم ڪيو ويندو.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 164

14. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 164 ۾:

(i) ذيلي دفعات (1) ۽ (2) ۾ لفظ “نوي” لاءِ لفظ “ٽيهه” کي متبادل بڻايو ويندو؛

جي ترميم
Amendment of section 164 of West Pakistan Act XVII of 1967

(ii) شرطيہ بيان ۾ آخر ۾ اينڊ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيان شرطيہ بيان شامل ڪيا ويندا:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ هن دفعہ تحت نظرثاني ۾ جاري ڪيل ڪنهن حڪم تي اهڙي حڪم سان متاثر ٿيل ڪنهن ڌر جي درخواست تي اعتراض نہ اٿاريو ويندو؛

بشرطيڪ اهو بہ تہ ڪنهن بہ روينيو آفيسر سواءِ بورڊ آف روينيو جي کي ڪو ڪيس ڪنهن هيٺين اختياري کي رمانڊ لاءِ ڏيڻ جو اختيار نہ هوندو."

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 167 جي ترميم
Amendment of section 167 of West Pakistan Act XVII of 1967

15. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 167 ۾، لفظن ۽ ڪاما "هڪ اپيل فارم لاءِ يا نظرثاني لاءِ هڪ درخواست يا" لاءِ لفظن ۽ ڪامائن "لاءِ يا هڪ اپيل يا درخواست جي فائيل ڪرڻ ۾ معافي لاءِ" کي متبادل بڻايو ويندو.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**